# هيري هري ليلا

## چيئرمن

## دي هري ليلا گروپ



**Hari Leella**
Chairman
The Hari Leella Group

سنڌي ماڻهن صدين کان انتهائي همت جو مظاهرو پئي ڪيو آهي. جڏهن دور دراز علائقن لاءِ سفر ڪرڻ جا جديد ساڌن به ڪونہ هئا تڏهن بہ سنڌي ماڻهو پنهنجا سڙه سنياليي سمنڊ جي حوالي ڪندا هئا ۽ دور دراز ديشن ڏانهن وڃي واپار بہ ڪندا هئا تہ محبت بہ ونڊيندا هئا.

اهڙي ئي هڪ سنڌي فيملي آهي هري ليلا: جيڪي ويهن صديءَ جي آغاز ۾ ئي چين ۽ هانگ ڪانگ وڃي آباد ٿيا ۽ ٽرتيءَ جي ڪيٽري بہ اٿل پٿل توڙي عالمي جنگين جو شڪار ٿيندي بہ صبر ۽ همٿ سان پاڻ کي پيهر اسٿاپت ڪري ڏيکاريو.

اڄ هر طرف خود غرضيءَ جي انتها واري عالم هوندي بہ ان خاندان جا هڪ سؤ کن فرد باهمي محبت واري ماحول ۾ هڪ ئي جوائنٽ فيملي طور گڏ هانگ ڪانگ ۾ رهن ٿا ۽ هوٽل ۽ ريئل اسٽيٽ بزنس ۾ هڪ مخصوص مقبوليت جا مالڪ آهن.

اچو تہ اسين ملون **پيءُ هري ليلا سان**.....

**جوهراڻي:** **سڀ کان پهرين اوهين ڪجهه پنهنجي ٻالڪپڻ جي يادگيرين بابت ٻڌائيندا!**

**هري ليلا:** منهنجو جنم ١٩٢٢ع ۾ سنڌ ۾ ٿيو. منهنجو پتا صاحب هڪ خوش ماڻهو هئو. جڏهن هُن چين ڏانهن لاڏاڻو ڪيو، تڏهن ڪيس هن ڪي ڪينٽون ۽ هانگ ڪانگ ۾ پڻ ڪجهه بلڊنگس هيون. پر پوءِ جڏهن آمريڪا ۾ معاشي حالتون خراب ٿيڻ شروع ٿيون ته ان جو اثر يوروپ، چين ۽ هانگ ڪانگ تي به پيو. هن ڪي لکين ڊالرن جو نقصان پهچي ويو؛ جو ماڻهو سندس ادائگي ڪو نه ڪري سگهيا! پر هوُ هڪ بيحد ايماندار شخص هئو. هُن پنهنجي سپلائرس، قرض ڏيندڙن ۽ بئنڪن جو هڪ هڪ روپيو چڪائڻ لاءِ پنهنجي سموري مليڪت ڪپائي ڇڏي. پوءِ هوُ هانگ ڪانگ ڏانهن هليو ويو؛ جو سندس پاءُ اتان جي آفيس بند ڪري ٻيو ڪٿي هليو ويو هئو.

جڏهن ڪجهه به نه بچيو ته اسان جي فيمليءَ ڪي انتهائي غريبيءَ جا ڏينهن ڏسڻا پيا. تڏهن مون پنهنجي پائرن سان گڏ آفيسن ۾ چوڪرو ٿي ڪم ڪيو؛ ويندي گاڏا به ڪيياسين! ان سبب ٻالڪپڻ ۾ ايتري سنگهرش ڪرڻ سبب آءٌ پوري تعليم به ڪو نه پرائي سگهيس!

**جوهراڻي:** **شايد ان لاءِ ئي اوهين هينئر تعليم جي حاصلات لاءِ دل کولي سهايتا ڪندا آهيو!**

**هري ليلا:** ها! زندگيءَ ۾ تعليم بيحد ضروري آهي. ان لاءِ اهڙي هر مقصد لاءِ وڏي ۾ وڏي مدد ڪرڻ چاهيندو آهيان.

**جوهراڻي:** **ائين چيو ويندو آهي، ته زندگيءَ جا لاها چاڙها ئي هر انسان لاءِ سڀ کان وڏي سکيا هوندا آهن. ڇا توهين سمجهو ٿا ته زندگي خود پاڻ ئي وڏي ٽيچر آهي؟**

**هري ليلا:** ها! آءٌ بلڪل وشواس رکان ٿو! منهنجو پتا صاحب چوندو هئو، ته ’جان جئين تان سک!‘ زندگي مختلف تجربات جو هڪ جهڳٽو آهي. ان ۾ لاها چاڙها آهن، ڏک سک آهن؛ جيڪي سڀ گڏجي

هڪ انسان جي تعمير ڪندا آهن. اهي اسان کي مضبوط ٿيڻ جو سبق ڏيندي خوشيءَ وچان زندگيءَ سان منهن مقابل ٿيڻ جو درس سيکاريندا آهن!

**جوَهراڻي:** **اوهين اخبارون وڪڻڻ کان وٺي اخبار جي سُرخي بڻجڻ واري لنبي سفر بابت ڪجهه ٻڌائيندا؟**

**هري ليلا:** اسان جڏهن جوان هئاسين ته هانگ ڪانگ جي گهٽين ۾ اخبارون به وڪيون! آخر اسان جي محنت رنگ لاتو ۽ پوءِ هڪ ننڍو سلڪ اسٽور کوليوسين؛ پر وري ٻين عظيم جنگ اهو به سڀ ڪجهه ڪسي ورتو! ان جنگ جي ختم ٿيڻ ڪانپوءِ قسمت اسان جو ڀريون دروازو تڏهن کڙڪايو، جڏهن اسان کي برٽش سرڪار جي بري فوج کي يونيفارم سپلاءِ ڪرڻ جو ٺيڪو مليو. پوءِ آمريڪن ٽولن لاءِ به ساڳيو ئي آرڊر مليو؛ تڏهن اسان کي ٢٢ دوڪان هوندا هئا ۽ ڇهه سؤ کن سوٽ روز کپائيندا هئاسين.

مون١٩٥٠ع واري ڏهاڪي ۾ ريئل اسٽيٽ ۽ هوٽل انڊسٽري ڏانهن رخ ڪرڻ چاهيو، پر ڪجهه ڀائرن کي اها ڳالهه ڪونه آئڙي. مونکي خبر هئي ته آرميءَ کي يونيفارم سپلاءِ ڪرڻ جو ڪم ڪڏهن به بند ٿي سگهي ٿو؛ تنهن لاءِ مون ڀائرن سان گڏ 'هري ليلا گروپ' جي اسٿاپنا ڪئي. اڄ اسان جو ڪم سائوٿ ايشيا، يوروپ ۽ آمريڪا ۾ آهي؛ جنهن ۾ هوٽلون،ٽريول ايجنسيون ۽ ريئل اسٽيٽ وغيره هلندڙ آهن!

**جوَهراڻي:** **اوهان زندگيءَ جي ڏکئي وقت ڏسڻ مان ڇا پرايو؟**

**هري ليلا:** ٻه ڳالهيون! منهنجي پتا صاحب اسان کي صرف پيسو ناهڻ بجاءِ جاتيءَ جي شيوا ڪرڻ سان گڏوگڏ محنتي ۽ ايماندار ٿيڻ جو پڻ درس ڏنو. هو هميشه چوندو هئو

”ڪو به ڏک ناهي، جيڪڏهن پسيو ناهي؛ پر جيڪڏهن ناموس ناهي ته پوءِ ڪجهه به ناهي.“

ان ئي فلسفي کي اسان سمورن ڀائرن دک توڙي سک ۾ ٻَڌي ڏيئي ٻڌو آهي.

**جوَهراڻي:** **جڏهن توهان هانگ ڪانگ ڏانهن لاڏاڻو ڪيو تہ اتان جي ماڻهن توهان کي ڪليءَ دل سان قبول ڪيو يا سانسڪرتڪ تضاد سبب ڪجھہ ويڇا پئي رهيا؟**

**هري ليلا:** مون جيئن عرض ڪيو تہ اسان جي پتا صاحب اڳ ئي چين ۾ وچي خيما کوڙيا هئا؛ ان لاءِ اسان کي اتان جي تمام روايتن ۽ سنسڪرتيءَ جي اڳواٽ ئي ڄاڻ هئي؛ جنهن سان گڏو گڏ اسان جي بزرگن پڻ اسان کي سنڌي سنسڪرتي ۽ سنڌيت جو درس ڏنو هئو.

**جوَهراڻي:** **ٻين عظيم جنگ کان پوءِ توهان برطانوي فوج کي يونيفارم ڏيڻ جا وڏي ۾ وڏا سپلائر ٿي رهيا؛ ائين ڪندي ڇڻ اوهان اڻ سڌي طرح ڪين جنگ ۾ ساٿ پئي ڏنو! ان لاءِ ڇا توهان کي اتي لوڪل سطح تي ڪجھہ مخالفت ڏسڻي پيئي؟**

**هري ليلا:** نہ! اهڙي ڪا بہ ڳالھہ ڪانہ هئي. اسان صرف پنهنجو بزنس پئي ڪيو؛ سو معاشري ۾ ان لاءِ ڪهڙي بہ قسم جو وروڌ ڪونہ هئو.

**جوَهراڻي:** **ڪن جو چوڻ آهي تہ بزنس جي جوکم ۽ جوئا ۾ ڪو بہ فرق ڪونہ آهي. توهان جو ريئل اسٽيٽ ڏانهن اچڻ هڪ داءُ هو يا سوچيل سمجهيل ڪنيل جوکم؟**

**هري ليلا:** مون ڄاتو پئي تہ فوج کي يونيفارم سپلاءِ ڪرڻ جو ڪم ڪنهن ڏينهن بند ٿي ٿيڻو آهي؛ تنهن لاءِ مونکي ڪنهن ٻئي طرف بہ واجهائڻو پيو. پر مون جڏهن 'هري ليلا گروپ' برپا ڪرڻ جو فيصلو ورتو تہ خود پائرن کي ئي ڪجھہ ڳالھہ ڪونہ پئي وڻي؛ ڇو تہ ريئل اسٽيٽ وغيره ۾ ڪو وڏو منافعو ڪونہ هوندو آهي؛ پر آءٌ پنهنجو سفر جاري رکيو ۽ هاڻي پنيان نهارڻ جي ضرورت ئي ڪونهي!

ڪڏهن ڪڏهن دل جي ڳالھہ مڃجي، جيئن مون ڪيو. باقي تاريخ تہ اوهان جي سامهون آهي! هاڻ تہ 'هري ليلا گروپ' معاشري ۾ مقبوليت جي بلندي ماڻي چڪو آهي!

**جوَهراڻي:** **اڄ 'هري ليلا مينشن' ۾ هڪ ئي ڪٽنب جا هڪ سؤ کن فرد رهن**

**ٽا. اڄ جي نيوڪليئر فيملي واري دور ۾ اهو سڀ اوهين ڪيئن ممڪن ڪري سگهيا آهيو؟**

**هري ليلا:** سڀ گڏ آهيون، جو اسين پنهنجي ماءُ سان اهو انجام ڪيو هئو ته اسين غريبيءَ ۾ به ڪڏهن الڳ ڪين ٿينداسين! هينئر ته اسان ڪي پڳوان سڀ ڪجهه ڏنو آهي!

آءٌ پنهنجي ٻارن کي هميشه اهو ئي چوندو آهيان ته هو پنهنجي ايمانداري ۽ خودداري ڪڏهن به نه ڇڏين! سڀ ڪان وڏي ڳالهه ته جيئن اسان جي فيمليءَ جي نالي تي ڪا به ضرب ڪو نه اچي! سنايون پيڙهي به پيڙهي هلنديون رهنديون آهن. مان ڪين اهوئي سمجهائيندو آهيان ته آخر ڏن دولت ۽ اوارڊ به ڪم ڪونه ايندا، پر نيڪ نيتيءَ سان ڪيل اسان جو ڪرم ئي اهميت رکندو!

**جوَهراڻي:** **گهڻو ڪري هندو روايتن موجب وڏو ڀاءُ ئي بزنس هلائيندو آهي؛ پر اوهان جي فيمليءَ ۾ جارج کي ڇڏي ننڍو هوندي به اوهان جي سربراهي ڪيئن ممڪن ٿي سگهي آهي؟**

**هري ليلا:** اسان جي سموري ڪاميابي جوائنٽ فيمليءَ جو ئي نتيجو آهي. منهنجي وڏي ڀاءُ جارج جو مون ۾ ڏاڍو اعتماد آهي.

**جوَهراڻي:** **هڪ وڏي فيمليءَ ۾ الڳ الڳ خودداريں جو ٽڪرائجڻ هميشه سڀاويڪ هوندو آهي! ان کي اوهين ڪيئن منهن ڏيندا آهيو؟**

**هري ليلا:** ٻين فيملين جيان اسان وٽ به هر هڪ کي پنهنجو حق مليل آهي؛ پر اسين هميشه پنهنجي خوديءَ کي پاسيرو رکي گڏيل فيصلو وٺندا آهيون! اسين ڪڏهن به ننڍين ننڍين ڳالهين کي ايڏي اهميت ئي ڪو نه ڏيندا آهيون، جيئن باهمي محبت برقرار رهي. اسان جي گهر ۾ سڀيئي عورتون به جوائنٽ فيمليءَ کي هٿي ڏينديون آهن ۽ ڪڏهن ته ائين به چونديون آهن ته پل اسين ڪٿي به وڃون پر هو ان ئي فيمليءَ ۾ رهڻ چاهينديون! ان لاءِ ئي اسان جي پاڻ ۾ ايڪتا قائم آهي.

منهنجي امڙ چوندي هئي ته ”جيڪڏهن هڪ ڪاني ڪٽي پڇبي ته پڇي پوندي، پر جڏهن گهڻيون ڪانيون گڏ ڪري پڇڻ جي

ڪوشش ڪبي ته هڪ به نه پڄندي!“

**جوَهراڻي:** **توهان جي ڪيترن ئي ٻارن هندوستان کان ٻاهر جنم ورتو آهي. ڇا اهي انڊين ڪلچر ڇڏي مغربي سنسڪرتيءَ ڏانهن مائل آهن؟**

**هري ليلا:** اسين هميشه بلڪل کليل دل جا پئي رهيا آهيون. اسين سڀ انگريزي ۽ ڪينٽونيز سني نموني ڳالهائيندا آهيون؛ مغربي ڪپڙا پائيندا آهيون ۽ ڪن ته نالا به ويسٽرن ڪري ڇڏيا آهن. پر جڏهن ڌرم ۽ سنسڪرتيءَ جي ڳالهه نڪرندي ته اسين پڪا هندو آهيون؛ ان لاءِ اسان کي زبردست شرڌا آهي. اسين هندو روايتن ۽ ريتن رسمن جو پالن ڪندا آهيون. اسان جون نُهرون سنڌي ٻولي ۽ گرمکي پڻ سکيون آهن. اهي ’گرو گرنٿ صاحب‘ جو وچن وننديون آهن ۽ هر هڪ ڌارمڪ ڏينهن جو احترام ڪنديون آهن. اسان جي ٻارن کي پڻ هندي پڙهائي ويندي آهي ۽ هر سومر تي ڌارمڪ سلوڪ ٻڌندا آهن. اسان جي گهر ۾ هڪ خوبصورت مندر پڻ ٺهيل آهي، جتان اسان کي هڪ آتمڪ شڪتي ملندي آهي. اسان وٽ خود عيسيٰ مسيح جي مورت توڙي بائيبل پڻ رکيل آهي؛ ڪير به مٿو ٽيڪڻ کان اڳ نيرن ئي ڪو نه ڪندو آهي!

**جوَهراڻي:** **هڪ انٽرويو ۾ اوهان چيو هئو، ته ”ڪي ماڻهو سؤ سيڪڙو حاصلات چاهيندا آهن؛ پر اسين ويهه سيڪڙو تي به مطمئن آهيون!“ ان جي ڪجهه وڌيڪ وضاحت ڪريو!**

**هري ليلا:** منهنجي پتا صاحبن جو گولڊن اصول هئو، ته ’نفعو ڪمائجي پر لالچي نه ٿجي!‘ جنهن تي اسين ٩٠- سالن کان هلندا رهيا آهيون. اسين ڪڏهن به پنهنجي گراهڪ کان وڌيڪ رقم ڪو نه ورتي آهي. ڪيترا ماڻهو ته سؤ سيڪڙو منافعي جي به تمنا رکندا آهن؛ پر اسان جو ٽارگيٽ ويهه سيڪڙو ئي هوندو آهي. ائين اسان جا گراهڪ ۽ اسين پاڻ ٻيئي خوش رهندا آهيون.

**جوَهراڻي:** **اوهان جو پتا هڪ سادگي پسند، ايماندار ۽ باهمت شخص هئو. اوهان انهن مان ڇا پرايو ۽ پنهنجي سپتر اورن کي ڇا سيکارڻ**

**چاهيندا؟**

**هري ليلا:** مونکي پنهنجي پتا ايمانداري ۽ محنت جو درس ڏنو؛ هڪ اهڙو بزنس مين ٿيڻ سيڪاريو جو نہ صرف پيسا ڪاهڻ جي اون رکي پر ان سان گڏو گڏ پنهنجي جاتيءَ جي شيوا پڻ ڪري ۽ وڏيڪ اهم ڳالھہ تہ منجهس صبر هئڻ ضروري آهي. ساڳي ڳالھہ آءٌ ارون لاءِ چاهيان ٿو تہ هوُ پڻ ان تي ئي عمل پيرا رهي. هن کي پيُوان طرفان مئنيجمينٽ جي ڪلا ۽ ڳالهائڻ جي سمجهہ پڻ مليل آهي.

**جوَهراڻي:** **اوهان کي ڪيترا ئي انعام اڪرام ۽ اوارڊ ملي چڪا آهن ۽ جاتيءَ جي شيوا ڪرڻ لاءِ سرڪار پڻ اوهان جو قدر ڪندي رهي آهي. ان شيوا جو اهم مقصد ڇا هوندو آهي! پنهنجي من جي خوشي يا سماج طرفان ملندڙ مان سنمان!**

**هري ليلا:** پنهنجي من جي خوشي! آءٌ ان تي وشواس رکندو آهيان تہ اسين جيڪڏهن سڀ ڪجهہ پنهنجي لاءِ ڪنداسين تہ بيحد خودغرض بڻجي پونداسين. هانگ ڪانگ اسان کي گهڻو ڪجهہ ڏنو آهي؛ جنهن لاءِ اسين بيحد مشڪور آهيون. هاڻ اسان کي بہ موٽائڻو آهي! نہ صرف پيسو موٽائڻو آهي پر جاتيءَ جي پنهنجائپ بہ پائڻي آهي!

**جوَهراڻي:** **اوهين ڪهڙي قسم جا ڪتاب پڙهڻ چاهيندا آهيو؟**

**هري ليلا:** دنيا تمام تيزيءَ سان اڳتي وڌي رهي آهي. ان لاءِ ضروري آهي تہ ماڻهو پاڻ کي شانت رکي. اهڙي صورت ۾ آءٌ ڪوشش ڪري يوگا ۽ ميڊيٽيشن يا روحانيت سان وابستہ ڪتاب پڙهندو آهيان.

**جوَهراڻي:** **توهان جي اوائلي سنگهرش پرئي جيون کان وٺي اڄوڪي سڪئي ستابي دور تائين سمورو اتهاس يقينن ايندڙ پيڙهين کي روشني ڏيندو! مهرباني!**

**هري ليلا:** پاءُ رام! توهان سان حال اوريندي ڏاڍو سٺو لڳو! مهرباني!